# معراج جا واقعا



اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# معراج جا واقعا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ منوّره سردارِ مڪہ مڪرمہ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: اي ماڻهو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات پائڻ وارو شخص اهو هوندو جيڪو توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيو هوندو.

(فردوس الاخبار، ج2 ص471 حديث 8210)

بچيں بے کار باتوں سے پڑھيں اے کاش کثرت سے
ترے محبوب پر ہر دم دُرُودِ پاک ہم مولٰی

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! — صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُتڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ
”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[1] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس. صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## عظيم رات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ ١٤٣٦ سنِ هجري جي رجب المرجب جي 27 رات آهي، اللهُ تبارڪ و تعالٰي جا لک لک شڪر جنهن هڪ ڀيرو ٻيهر عظيم الشان فضيلتن ۽ برڪتن واري مقدس رات نصيب فرمائي، هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ خالقِ ڪائنات جَلَّ جَلَالُهٗ اسان جي آقا، محمدِ

[1] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

مصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا، شبِ اسريٰ جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هڪ عظيم معجزو عطا فرمايو، ان نوراني رات ۾ ڪهڙن ڪهڙن واقعات جو ظاهر ظهور ٿيو، ڪهڙيون ڪهڙيون انوار و تجليات جون بارشون ٿيون، اچ جي بيان ۾ مختصر طور تي ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا سين، نهايت ئي توجه ۽ اطمينان سان ٻڌنداسين ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ معراج جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت دل ۾ مزيد اجاگر ٿيندي.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## پياري آقا جو عظيم معجزو

بعثتِ نبوي جي ٻارنهين (12) سال جڏهن پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ ايڪونجهه (51) سال تي چڪي هئي، الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب، دانائي غُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معراج جو عظيم معجزو عطا فرمايو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي رات جي هڪ حصي ۾ نه صرف مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصيٰ تائين بلڪ ستن آسمانن جي به سير ڪرائي، ان کان علاوه الله عَزَّوَجَلَّ حبيب مڪرَّم، نورِ مجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجا انوار و تجليات جا مشاهدا ڪرايا ۽ پنهنجي ديدار ۽ همڪلامي کان به سرفراز فرمايو. معراج شريف جو هي واقعو رَجَبُ الْمُرَجَّب جي ستاويهين (27) تاريخ پيش آيو. جيئن ته ولي ڪامِل حضرت عَلّامه مَولانا مَخْدوم محمد هاشِم ٺٽوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: صحيح قول جي مطابق سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي



www.dawateislami.net

بِعۡثَت جي ٻارنهين سال يعني هجرت جي هڪ سال پهرين، ڇنڇر يا سومر جي رات، مشهور روايت جي مطابق ستاويهين (27) رَجَبُ الْمُرَجَّب راتون رات الله عَزَّوَجَلَّ سير (مِعۡراج) ڪرائي. (سيرت سيد الانبياء، ص١٢٧)

## شقِ صدر

شبِ معراج حضرت سَيِّدُنا جِبۡرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جن نبيِ پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سينهءِ پُر سڪينه کي شَق فرمايو. سندن جي قلبِ اطهر کي ٻاهر ڪڍيو ۽ زمزم شريف سان ڀريل هڪ سَون جي ٿالهه ۾ رکي ڪري ڌوتو. پوءِ (اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شايانِ شان مزيد) حڪمت، ايمان ۽ نُورِنُبُوَّت سندس سيني ۾ ڀريو ۽ سينهءِ مبارڪ ۾ ان کي رکي ڪري سوئي سان سي ورتو. عُلماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا ته رسولِ ڪريم، رؤفٌ رَّحِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ ۾ چار ڀيرا شَقِّ صَدر ٿيو ۽ معراج شريف جي رات پيش اچڻ وارو انهن مان چوٿون هو.

پهرين ڀيري سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت جي وقت، ٻيو ڀيرو جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ ڏهه سال هئي ۽ ٽيون ڀيرو غارِ حرا ۾ قرآنِ مجيد جي پهرين وحي جي موقعي تي. (سيرة سيد الانبياء،ص١٢٧مختصراً)

## معراج جي گهوٽ جي سُواري

حضرت سَيِّدُنا اَنَس بِن مالِڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان مروي آهي ته پياري آقا، شبِ اسرٰي جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون وٽ بُراق (جنهن



www.dawateislami.net

جو نالو **جارُود** هو) آندو ويو، جيڪو گڏھ کان وڏو ۽ خچر کان ننڍو ، انتهائي سفيد رنگ جو ڏِگهي قد وارو جانور هو، ان جو قدم نظر جي انتهاء تي پوندو هو، آئون هن تي سُوار ٿي ڪري بَيۡتُ الۡمَقۡدَس تائين پهتس ۽ جنهن جڳھ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي سُواري کي ٻَڌندا هئا، اتي مون ان کي ٻڌي ڇڏيو پوءِ آئون مسجدِ اقصٰي ۾ داخل ٿيس ۽ ان ۾ ٻہ رڪعت نماز ادا ڪئي.

(مسلم، ڪتاب الايمان ، باب الاسراء برسول الله ...الخ، ص٩٧،حديث٢٥٩)

## انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي امامت

ان نماز ۾ پاڻ حضور پر نور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا اِمام هئا. (ڇو جو) پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ عالي جي اظهار جي لاءِ بَيۡتُ الۡمَقۡدَس ۾ تمام انبياءِ ڪرام کي جمع ڪيو ويو هو.

(سنن النسائي، ڪتاب الصلاة، باب فرض الصلاة... الخ ص 81، الحديث 448)

جڏهن اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اتي تشريف ڪٽي آيا تہ انهن سڀ حاضرين سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوش آمديد چيو ۽ نماز جي وقت سيني توهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي امامت جي لاءِ اڳيان ڪيو، پوءِ حضرت جِبۡرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام هٿ مبارڪ پڪڙي ڪري اڳيان وڌايو ۽ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تمام انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اِمَامت فرمائي. (المعجم الاوسط للطبراني، باب العين، من اسمه علي، الحديث: ٦٥/٣، والسيرة الحلبية، باب ذكر الاسراء والمعراج...الخ، ٥٢٥٣٨٧٩/١) حضرت سَيِّدُنا عَلّامه بُوصيري رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰىعَلَيۡه فرمائن ٿا:

وَقَدَّمَتۡكَ جَمِيۡعُ الۡاَنۡبِيَاءِ بِهَا

وَالرُّسُلِ تَقۡدِيۡمَ مَخۡدُوۡمٍ عَلٰى خَدَمٖ

يعني بَيۡتُ الۡمَقۡدَس ۾ تمام انبياءِ ڪرامن ۽ رسولن عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اڳيان ڪيو. جيئن مخدُوم پنهنجي خادم کان اڳيان هوندو آهي.

سُبحٰن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڪيتري پلي نماز آهي جو تمام انبياء ۽ رسول عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مقتدي، اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِمام ۽ پهريون قبلو نماز جي جاءِ آهي، يقينًا ڪائنات ۾ اهڙي نماز پهرين ڪڏهن نہ ٿي، آسمان اهڙو نظارو نہ ڏٺو هوندو. بهرحال اڄ شبِ اسرٰي جي گهوٽ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اوّل ۽ آخر هئڻ جو راز کلي ويو، ان راز تان بہ پردو کڄي ويو ۽ معنٰي روشن ڏينهن وانگر ظاهر ٿي وئي، ڇو جو اڄ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي سڀ کان آخري رسول آهن، پهرين آيل انبياء ۽ رسولن جي امامت فرمائي رهيا آهن، هن راز کي بيان ڪندي اَعلٰي حضرت، اِمامِ اَهلسُنَّت، مولانا شاه اِمام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا:

نمازِ اَقصٰی میں تھا یہی سِرّ، عِیاں ہوں معنیٔ اوّل آخِر
کہ دَست بستہ ہیں پیچھے حاضِر، جو سلطنت آگے کر گئے تھے

**شعر جي وضاحت:** شبِ معراج ، مسجدِ اقصٰي ۾ سيد انبياء صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سڀ نبيين جي امامت فرمائي ۽ انهن کي نماز پڙهائي، ان ۾ راز اِهو هو اوّل آخر(يعني پهرين ۽ آخري) جو فرق واضح ٿي وڃي جو سڀ نبيين کان آخر ۾ تشريف آڻڻ وارا نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شان ۽ عظمت ۾ ڪنهن نبي کان گهٽ نہ آهن بلڪ شان ۽ عظمت ۾ سڀ کان اعلٰي آهن، ان جي دليل هي آهي جو اُهي سڀ نبي جيڪي پهرين پنهنجي نُبُوتن جو اعلان ڪري ڪري چڪا، اهي سڀ جا سڀ هٿ ٻڌي مکي



www.dawateislami.net

جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان بيٺل آهن.
نماز کان پوءِ جڏهن مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اُتي موجود انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان مُلاقات فرمائي تہ (واري واري) سڀني الله عَزَّوَجَلَّ جي تعريف و ثناء بيان فرمائي. جنهن تہ حضرت سَيِّدُنا اِبْرَاهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن فرمايو: تمام خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جنهن مونکي خَلِيل ڪيو ۽ مونکي مُلڪِ عَظيم عنايت فرمايو گڏوگڏ پنهنجو فرمانبردار ۽ ماڻهن جو امام بڻايو تہ منهنجي اِقتِداء ڪئي وڃي ۽ مونکي باهہ کان بچايو ۽ ان کي منهنجي لاءِ ٿڌو ۽ سلامتي وارو ڪيو. ان کان بعد حضرت سَيِّدُنا موسٰي عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اُتي بيٺا ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي تعريف فرمائي: تمام خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن مونکي ڪليم بڻايو ۽ منهنجي هٿان فرعون کي هلاڪ ڪيو ۽ بني اِسرَائيل کي نَجات ڏني ۽ منهنجي اُمّت (جي هڪ گروهہ) کي اهڙي قوم بڻايو جو اُهي حق جي راهہ ڏيکاريندا آهن ۽ حق سان گڏ انصاف ڪندا آهن. پوءِ حضرت سَيِّدُنا داؤد عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن الله عَزَّوَجَلَّ جي تعريف بيان ڪندي فرمايو: تمام خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن مونکي وڏي بادشاهت ڏني ۽ مونکي زبُور جو علم ڏنو ۽ منهنجي هٿ ۾ لوهہ کي نرم ڪيو ۽ منهنجي لاءِ جبلن ۽ پکين کي مُسخّر (تابع) ڪيو، جيڪي (مون سان گڏ) الله عَزَّوَجَلَّ جي پاڪي بيان ڪندا آهن ۽ مونکي حڪمت ۽ قولِ فَيصَل (فيصلو ڪرڻ جو علم) عطا فرمايو. پوءِ حضرت سَيِّدُنا سُلَيمَان عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن الله عَزَّوَجَلَّ جي تعريف بيان ڪندي فرمايو: تمام خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن



www.dawateislami.net

جنهن هوائن کي مُسَخَّر (تابع) ڪيو ۽ جِنّات کي منهنجي تابع ڪري ڇڏيو، جيڪي منهنجي مرضي جي مطابق بلند بلند محلاّت ۽ تَصويرون ۽ وڏن حوضن جي برابر ٿالهه ۽ لنگردار ديڳون ناهندا آهن. اهڙي طرح مونکي پکين جي ٻولي سيکاري ۽ پنهنجي فضل سان هر شي عطا ڪئي ۽ پنهنجن ايمان وارن ٻانهن تي فضيلت بخشي ۽ مونکي اهڙي سلطنت ڏني جيڪا مون کان بعد ڪنهن کي لائق (موزون) نہ ٿئي ۽ منهنجي بادشاهت کي اهڙو ڪري ڇڏيو جو ان جو ڪو حساب ناهي. ياد رهي! تہ حضرت سَيِّدُنا سُلَيمَان عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي شريعت ۾ تصوير حرام نہ هئي. (خزائن العرفان،پ٢٢،سبا،تحت الآية :١٣)

ان کان بعد حضرتِ سَيِّدُنا عيسٰي عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جن الله عَزَّوَجَلَّ جي تعريف بيان ڪندي فرمايو: تمام خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن، جنهن مونکي پنهنجو ڪلمو قرار ڏنو ۽ ان ڳالهه ۾ مونکي بہ آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جيان ڪيو تہ ان کي مٽيءَ مان ٺاهيو ۽ فرمايو ”کُنْ“ (ٿي وڃ) تہ اُهي ٿي ويا ۽ ڪتاب و حڪمت ۽ توريت ۽ انجيل جو علم عطا فرمايو ۽ مون کي اهو ڪمال بخشو جو آئون مٽي مان پکي نُمان صورت ناهيان ٿو، پوءِ اُن ۾ ڦوڪ هڻان ٿو تہ اُهي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان يڪدم پکي ٿي وڃي ٿو. هي ڪمال بہ ڏنو جو شفا ڏيندو آهيان پيدائشي اندهن ۽ سفيد نشان (اڇي ڪوڙهہ) وارن کي ۽ مُردن کي زنده ڪندو آهيان، الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان ۽ مونکي (بغير موت جي آسمان تي) کنيو ويو ۽ مونکي پاڪ ڪيو (ڪافرن کان) ۽ مونکي ۽ منهنجي ماءُ کي شيطان مردود جي شر کان پناهہ عطا فرمائي، تنهنڪري اسان جي



www.dawateislami.net

خلاف شيطان جي لاءِ ڪو رستو ناهي.

جڏهن سڀ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد و ثناء ۽ ان جون اُهي نعمتون بيان ڪري چڪا جيڪي انهن کي عطا ٿيون هيون، تہ نبيِ آخرُ الزّمان ،شهنشاهِ ڪَون و مَڪان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُٿي بينا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد و ثنا بيان ڪندي ارشاد فرمايو: تمام خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن، جنهن مونکي تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ۽ مونکي خوشخبري ٻڌائڻ ۽ خوف ڏيارڻ وارو موڪليو، ۽ مون تي قرآن نازل ڪيو، جنهن ۾ هر شيء جو روشن بيان آهي منهنجي امّت ئي آخري اُمّت آهي ۽ (جنّت داخل ٿيڻ وارين اُمّتن ۾) اها ئي پهرين اُمّت هوندي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ (هدايت و معرفت ۽ علم و حڪمت جي لاءِ) منهنجو سينو ڪشاده ڪيو ۽ (اُمّت جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول ڪري) منهنجو بوجھ لاهي ڇڏيو ۽ منهنجي لاءِ منهنجو ذڪر بلند ڪري ڇڏيو ۽ مونکي آخري نبي ڪري موڪليو.

نبيِ ڪريم، رؤفٌ رَّحِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گفتگو مڪمل ٿيڻ کان پوءِ حضرت سَيِّدُنا اِبرَاهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جن اُٿي بيهي ارشاد فرمايو اهي ئي اُهي عظيم الشّان اَوصاف و ڪمالات آهن، جنهن جي وجه سان سَيِّدُ المُرۡسَلِيۡن، خاتَمُ النَّبِيِّيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مرتبو اسان سڀ کان اَفۡضَل و اَعۡلٰي آهي. (خصائص الڪبري،١/٢٨٥ملخصاً و مفهوما)

سب سے اَولٰی و اَعۡلٰی ہمارا نبی | سب سے بالا و وَالا ہمارا نبی
بزمِ آخر کا شمع فَروزاں ہُوا | نُورِ اَوّل کا جَلوہ ہمارا نبی



www.dawateislami.net

خَلق سے اَولیا اَولیا سے رُسُل اور رَسُولوں سے اَعلٰی ہمارا نبی
مُلکِ کونین میں اَنبیا تاجدار تاجداروں کا آقا ہمارا نبی

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سان ملاقات کان بعد حُضُورِ اَڪْرَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بَيْتُ الْمَقْدَس کان اڳيان آسمان جي طرف روانہ ٿيا تہ سندن صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ شراب ۽ کير جا ٿانوَ پيش ڪيا ويا. جيئن تہ

ٻنهي جهانن جي آقا، شبِ اسرٰي جي گهوٽ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جِبْرائيلِ اَمِيْن عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ هڪ ٿانوُ ۾ شراب ۽ هڪ ٿانوُ ۾ کير کڻي آيا، مون کير وٺي ورتو. (مسلم کتاب الايمان ص 97، حديث 259)

ان تي حضرت جِبْرائيلِ عَلَيْهِ السَّلَام جن چيو: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ هَدَاكَ لِلْفِطْرَةِ لَوْ اَخَذْتَ الْخَمْرَ غَوَتْ اُمَّتُكَ يعني تمام تعريفون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جنهن فِطَرت جي طرف اوهان صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رهنمائي فرمائي، جيڪڏهن توهان صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شراب جو پيالو قبول فرمايو ها تہ اوهان صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمَّت گمراھ ٿي وڃي ها. (صحيح البخاري، ص١١٨١، الحديث:٤٧٠٩)

نبيِ ڪريم ،رؤفٌ رَّحِيم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ پوءِ مون کي آسمان جي طرف نيو ويو. جِبْرائيلِ اَمِيْن عَلَيْهِ السَّلَام جن آسمان جو دروازو کٽڪايو. پڇيو ويو تہ توهان ڪير آهيو؟ انهن چيو آئون جِبرَائيل آهيان، پڇيو ويو: توهان سان گڏ ڪير آهي؟ انهن چيو: هي حضرت محمد صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، پڇيو ويو: ڇا انهن کي گهرايو ويو آهي؟



www.dawateislami.net

انهن چيو: ها انهن کي گهرايو ويو آهي. گهرايو ويو آهي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو پوءِ اسان جي لاءِ دروازو کوليو ويو، اُتي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام سان منهنجي ملاقات ٿي، انهن مون کي مرحبا چيو ۽ دُعا ڏني. (مسلم، کتاب الايمان ، باب الاسراء برسول الله ...الخ، ص٩٧،حديث٢٥٩)

## فڪرِ اولاد ۾ ڳوڙها ڳاڙڻ

سيّد عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ آدَم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ساڄي کاٻي ڪجھ ماڻهن کي ملاحظ فرمايو، جڏهن پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي ساڄي طرف ڏسن ٿا تہ کلن ٿا ۽ کاٻي طرف ڏسندي ئي روئي پون ٿا. حضرت جِبْرائيلِ عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: انهن جي ساڄي ۽ کاٻي طرف جيڪي صورتون آهن هي انهن جي ئي اولاد آهي، ساڄي طرف وارا جنّتي آهن ۽ هي کاٻي طرف وارا جهنّمي آهن. (صحيح البخاری، کتاب الصلاة، باب کيف فرضت...الخ، ص١٦١، الحديث:٣٤٩) فرمايائون پوءِ مونکي ٻي آسمان جي طرف نيو ويو، جِبْرائيلِ اَمِيۡن عَلَيۡهِ السَّلَام دروازو ڪَٽڪايو، پڇيو ويو توهان ڪير آهيو؟ انهن چيو: جِبرَائيل آهيان، پڇيو: توهان سان گڏ ڪير آهي؟ چيائون: هي حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، پڇيو: ڇا انهن کي گهرايو ويو آهي؟ چيو ها انهن کي گهرايو ويو آهي، حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو پوءِ اسان جي لاءِ دروازو کوليو ويو ۽ اُتي ہِ ماساتن حضرت عيسٰي بِن مريم ۽ حضرت يحيٰي بن زَکَرِيا عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان منهنجي ملاقات ٿي، انهن ٻنهي مون کي مرحبا چيو ۽ دُعا ڏني، پوءِاسان کي ٽين آسمان جي طرف نيو ويو جِبرَائيل دروازي تي دستڪ ڏني، پڇيو ويو توهان ڪير آهيو؟ انهن



www.dawateislami.net

چيو: جِبرَائيل آهيان، پڇيو: توهان سان گڏ ڪير آهي؟ چيائون: هي حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، پڇيو: ڇا انهن کي گهرايو ويو آهي؟ چيو ها انهن کي گهرايو ويو آهي، حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو پوءِ اسان جي لاءِ دروازو کوليو ويو تہ منهنجي مُلاقات حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام سان ٿي جنهن کي حُسن جو اڌ حصّو عطا ڪيو ويو آهي، انهن مون کي مرحبا چيو ۽ دُعا ڏني. پوءِ مونکي چوٿين آسمان جي طرف نيو ويو جِبرَائيل دروازي تي دستڪ ڏني، پڇيو ويو توهان ڪير آهيو؟ انهن چيو: جِبرَائيل آهيان، پڇيو: توهان سان گڏ ڪير آهي؟ چيائون: هي حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، پڇيو: ڇا انهن کي گهرايو ويو آهي؟ چيو ها انهن کي گهرايو ويو آهي تہ رسولُ اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: پوءِ اسان جي لاءِ دروازو کوليو ويو تہ منهنجي مُلاقات حضرت اِدْرِيس عَلَيْهِ السَّلَام سان ٿي انهن مون کي مرحبا چيو ۽ دُعا ڏني. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرت اِدْرِيس عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ فرمايو اسان انهن کي بُلند مقام عطا فرمايو آهي، پوءِ مونکي پنجين آسمان جي طرف نيو ويو جِبرَائيل عَلَيْهِ السَّلَام دروازي تي دستڪ ڏني، پڇيو ويو توهان ڪير آهيو؟ انهن چيو: جِبرَائيل آهيان، پڇيو: توهان سان گڏ ڪير آهي؟ چيائون: هي حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، پڇيو: ڇا انهن کي گهرايو ويو آهي؟ چيو ها انهن کي گهرايو ويو آهي تہ حُضُورِ اَکْرَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو پوءِ اسان جي لاءِ دروازو کوليو ويو تہ منهنجي مُلاقات حضرت هارُون عَلَيْهِ السَّلَام سان ٿي انهن مون کي مرحبا چيو ۽ دُعا ڏني. پوءِ مونکي ڇهين آسمان جي طرف نيو ويو



www.dawateislami.net

جِبرَائيل دروازو ڪٺڪايو تہ پڇيو ويو: ڪير آهي؟ انهن چيو: جِبرَائيل آهيان، پڇيو: توهان سان گڏ ڪير آهي؟ چيائون: هي حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، پڇيو: ڇا انهن کي گهرايو ويو آهي؟ چيو ها انهن کي گهرايو ويو آهي. حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو پوءِ اسان جي لاءِ دروازو کوليو ويو، ۽ منهنجي مُلاقات حضرت مُوسٰي عَلَيْهِ السَّلَام سان ٿي، انهن موکي خوش آمديد چيو ۽ دعا ڏني پوءِ مونکي ستين آسمان جي طرف نيو ويو جِبرَائيل دروازو ڪٺڪايو تہ پڇيو ويو: ڪير آهي؟ انهن چيو: جِبرَائيل آهيان، پڇيو: توهان سان گڏ ڪير آهي؟ چيائون: هي حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، پڇيو: ڇا انهن کي گهرايو ويو آهي؟ چيو ها انهن کي گهرايو ويو آهي پوءِ اسان لاءِ دروازو کوليو ويو، حضرت اِبْرَاهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان ملاقات ٿي، جيڪي بَيْتُ الْمَعْمُور سان ٽيڪ لڳائي ويٺا هئا ۽ ان بَيْتُ الْمَعْمُور ۾ هر روز ستّر (70) هزار فرشتا وڃن ٿا ۽ جيڪو فرشتو هڪ ڀيرو اچي ويو ان کي ٻيهر موقعو نہ ٿو ملي. (مسلم، ڪتاب الايمان، باب الاسراء برسول الله ...الخ ، ص٩٧،حديث٢٥٩)

حضرتِ جِبْرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جن (حضرت اِبرَاهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ حُضُورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي) عرض ڪيو: هي توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا والد آهن، انهن کي سلام ڪريو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سلام چيو، انهن سلام جو جواب ڏنو، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوش آمديد ڪندي چيو: ”مَرْحَبًا بِالْاِبْنِ الصَّالِحِ وَالنَّبِيِّ الصَّالِحِ يعني صالح پُٽ ۽ صالح نبي کي خوش آمديد.“ (صحيح بخاري باب المعراج ص 977، حديث 3887)

ستين آسمان تي حضرتِ اِبْرَاهيم خَلِيْلُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان



www.dawateislami.net

مُلاقات فرمائڻ کان پوءِ بين عالم جا سردار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سدرة المنتهٰي** جي ويجهو تشريف کڻي آيا. (صحيح بخاري باب المعراج ص 976، حديث 3887) هي هڪ نُوراني ٻير جو وڻ آهي، جنهن جي پاڙ ڇهين آسمان تي ۽ شاخون ستين آسمان جي مٿان آهن، (مراة المناجيح، معراج جو بيان) ان جا ميوا مقامِ هِجر جي مٽڪن جيان وڏا وڏا ۽ پتا هاٿي جي ڪنن وانگر آهن حضرتِ جِبْرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جن عرض ڪيو: هي سِدْرَةُ الْمُنْتَهيٰ آهي. پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتي چار نهرون ملاحظ فرمايون، جيڪي سِدْرَةُ الْمُنْتَهيٰ جي پاڙ مان نڪري رهيون هيون، ان مان ٻه (2) ته ظاهر هيون ۽ ٻه (2) خُفِيه (پوشيده). پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ جِبْرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان دريافت فرمايو: اي جِبْرَائيل! هي نهرون ڇا آهن؟ عرض ڪيو: خُفِيَه نهرون ته جنّت جون آهن ۽ ظاهري نهرون نِيل ۽ فُرَات آهن. (صحيح البخارى، كتاب مناقب الانصار، باب المعراج، ص٩٧٦، الحديث:٣٨٨٧)

## مقامِ مُسْتَويٰ

جڏهن پيارا آقا، مدني مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سِدْرَةُ الْمُنْتَهيٰ جي اڳيان وڌيا ته حضرتِ جِبْرائيل عَلَيْهِ السَّلَام اُتي بيهي رهيا ۽ اڳيان وڃڻ کان معذرت ڪئي. (المواهب الدنية المقصد الخامس) شيخ عبدُ الحق مُحَدّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى فرمائن ٿا ته ڪجھ روايتن ۾ آيو آهي ته سيِّدِ عالَم،نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جِبْرِيْلِ اَمِيْن عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو: جيڪڏهن تنهنجي ڪا حاجت هجي ته مونکي عرض ڪر، آئون الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ پيش ڪندس. جِبْرِيْلِ اَمِيْن عَلَيْهِ السَّلَام جن عرض ڪيو: بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

۾ منهنجي هي تمنّا بيان ڪري ڇڏجو تہ اُهو قيامت جي ڏينهن منهنجون پانهون (پَرَن) کي اجان بہ ڪشاده فرمائي تہ جيئن اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت کي پنهنجن پَرَن جي ذريعي پُل صراط کان گذاري سگهان.
(مدارج النبوة 164/1)

اَعْليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنَّت، مولانا شاھ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا:

اَہلِ صِراط رُوحِ اَمِیں کو خبر کریں　　جاتی ہے اُمَّتِ نَبَوِی فَرْش پَر کریں

هڪ ٻي مقام تي ان کان بہ وڌي ڪري فرمائن ٿا تہ

پُل سے اُتارو راہ گُزر کو خَبَر نہ ہو　　جِبرِیل پَر بِچھائیں تو پَر کو خَبَر نہ ہو

پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (اڪيلا) اڳيان وڌيا ۽ بُلندي جي طرف سَفَر فرمائيندي هڪ مقام تي تشريف کڻي آيا، جنهن کي مُستَويٰ چوندا آهن، اتي پاڻ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قلمن جي چرڙاٽ جي آواز سماعت فرمائي. (صحيح بخاري ڪتاب الصلاة حديث 339) هي اُهي قلم هئا جنهن سان فرشتا روزانو اَحْڪامِ الٰهيه لکندا آهن ۽ لَوحِ محفُوظ مان هڪ سال جا واقعات الڳ الڳ صحيفن تي نقل ڪندا آهن ۽ پوءِ هي صحيفا شَعبان جي پندرهين 15 رات متعلّقِ احڪام فرشتن جي حوالي ڪيا ويندا آهن. (مرأة المناجيح، مِعْراج جو بيان، پهرين فصل، ٨/١٥٥)

## عرشِ عُليٰ کان بہ مٿي

پوءِ مُستَويٰ کان اڳيان وڌيا تہ عرش آيو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان بہ مٿي تشريف کڻي آيا ۽ پوءِ اُتي پهتا جتي خود "ڪيڏانهن" ۽ "ڪڏهن" بہ ختم ٿي چُڪا هئا، ڇو جو هي الفاظ جڳهہ ۽ زماني جي لاءِ چيا ويندا آهن ۽ جتي اسان جا سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رونَق افروز ٿيا هئا اتي جڳهہ هئي نہ زمانو. انهي ڪري ان کي لامڪان چوندا آهن.



www.dawateislami.net

سُراغِ اَیۡن و مَتٰی کہاں تھا، نِشانِ کَیف و اِلٰی کہاں تھا
نہ کوئی راہی نہ کوئی ساتھی نہ سنگِ منزِل نہ مَرحلے تھے

(حدائقِ بخشش، حصّہ اوّل، ص۲۳۵)

**اَین:** كيڏانهن. **مَتٰی:** ڪڏهن. **کَیف:** ڪيئن. **اِلٰی:** ڪيستائين. **سنگِ منزل:** پٿر جو اهو نشان جيڪو منزل جي خبر ڏي.

**شعر جي وضاحت:** شبِ معراج، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيڏانهن ويا؟ ڪڏهن ويا؟ ڪيئن ويا؟ ڪيستائين ويا؟ انهن سُوالن جو ڪو جواب ڇا ٻڌائي، ڇو جو جتي محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شبِ معراج پهتا، اُتي ڪڏهن ۽ ڪٿي جو تصور ئي نه آهي، ڪيئن ۽ ڪيڏانهن جو نشان ئي نه آهي، ڪو توهان سان گڏ نه آهي، نه ڪو منزل جو نشان، اهي سڀ ڳالهيون اتان تعلق رکن ٿيون، جيڪو عالَم ئي ڪجھ ٻيو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اتي الله رَبُّ الْعِزّت عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اُهو قُربِ خاص عطا فرمايو جيڪو نه ڪنهن کي مليو نه ملي. جيئن ته سيپاري 27، سُوْرَةُ النَّجْم جي آيت نمبر10،9،8 ۾ ارشادِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:

ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ۝٨ فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ۝٩ فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰى ۝١٠ (پ 27، النجم: 8-9-10)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ ان جلوي ۽ ان محبوب ۾ ٻن هٿن جو فاصلو رهيو بلڪ ان کان به گهٽ پوءِ وحي فرمايائين پنهنجي ٻانهي جي طرف جو ڪجھ وحي فرمايائين.



www.dawateislami.net

عاشقِ ماهِ رسالت، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه قصيده معراجيه ۾ ان مبارڪ گهڙين جي باري ۾ لکن ٿا ته جنهن گهڙي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قربِ خاص عطا فرمايو ويو، ان وقت ڪهڙو سماء هيو، لکن ٿا:

بڑھ اے محمّد، قریں ہو احمد، قریب آ سرورِ مُمجّد
نِثار جاؤں یہ کیا ندا تھی، یہ کیا سَماں تھا، یہ کیا مزے تھے
تَبارَکَ اللہ شان تیری تجھی کو زیبا ہے بے نیازی
کہیں تو وہ جوشِ لَنْ تَرَانِی کہیں تقاضے وِصال کے تھے
خِرَد سے کہدو کہ سر جھکا لے گماں سے گزرے گزرنے والے
پڑے ہیں یاں خود جِہَت کو لالے کسے بتائے کدھر گئے تھے
اُدھر سے پیہم تقاضے آنا اِدھر تھا مُشکل قدم بڑھانا
جلال وہیبت کا سامنا تھا جمال ورَحمت اُبھارتے تھے
بڑھے تو لیکن جھجھکتے ڈرتے حیا سے جھکتے ادب سے رُکتے
جو قرب انھیں کی رَوِش پہ رکھتے تو لاکھوں منزل کے فاصلے تھے
وہی ہے اوّل وہی ہے آخِر وہی ہے باطِن وہی ہے ظاہِر
اُسی کے جلوے اُسی سے ملنے اُسی سے اُس کی طرف گئے تھے

سلامِ رضا ۾ آهي

کس کو دیکھا یہ موسیٰ سے پوچھے کوئی
آنکھ والوں کی ہمت پہ لاکھوں سلام

سورۂ نَجْم ۾ ارشاد ٿئي ٿو!

مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿١٧﴾

(پ 27: النجم: 17)

**ترجمو ڪنزالايمان:** نه اک ڪنهن طرف ڦري نه حد کان لنگهي.



www.dawateislami.net

حضرت اِمام جَعْفَر صادِق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي کي وحي فرمائي، جيڪا وحي فرمائي، اها وحي ٻي واسطہ وحي هئي جو الله تعاليٰ ۽ ان جي حبيب جي درميان ڪو واسطو نہ هو ۽ هي خُدا ۽ رَسُول جي درميان جا راز آهن جنهن تي انهن ڪان سوءِ ڪنهن کي آگاهي ناهي. (خزائن العرفان، پ۲۷، النجم:۱۰)

(راز جي ڳالهين ڪان علاوه) الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمايو تہ جِبْرِيلِ اَمِين جي اُها حاجت جنهن جي باري ۾ توسان عرض ڪيو هو اُها ڇا آهي؟ پياري حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عرض ڪيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ تون ان کي بهتر ڄاڻين ٿو. الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اي محبوب! مون ان جي حاجت قبول فرمائي پر انهن ماڻهن جي حق ۾ جيڪي تو سان محبَّت ڪندا، توکي دوست رکندا ۽ تنهنجي صحبت ۾ رهندا آهن. (مدارِجُ النبوّة، ۱/۱۶۹)

حُضُورِ اَڪرَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو جو الله عَزَّوَجَلَّ مون تي هڪ ڏينهن ۽ رات ۾ پنجاه (50) نمازون فرض ڪيون، جڏهن آئون حضرت مُوسٰي عَلَیْہِ السَّلَام جي ويجهو پهتس تہ انهن چيو: اوهان جي ربّ عزوجل اوهان جي امّت تي ڇا فرض فرمايو آهي؟ مون چيو هر ڏينهن رات ۾ 50 نمازون فرض فرمايون آهن، حضرت مُوسٰي عَلَیْہِ السَّلَام چيو: اوهان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڏانهن وڃو تخفيف (گهٽ) جو سُوال ڪريو، ڇو جو توهان جي اُمّت پنجاه نمازون نہ پڙهي سگهندي، آئون بني اِسرائيل کي آزمائي چڪو آهيان، (پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو) مون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڏانهن واپس موٽي ويس ۽ عرض ڪيو:



www.dawateislami.net

اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! منهنجي اُمّت تي ڪجھ تخفيف فرماءِ الله عَزَّوَجَلَّ پنج نمازون گھٽ ڪيون، آئون موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ پهتس ۽ چيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنج نمازون گھٽ ڪري ڇڏيون آهن، حضرت مُوسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جن چيو توهان جي اُمّت ايترين نمازون بہ نہ پڙهي سگھندي، وجو ۽ وجي ڪري اجا ڪمي جو سُوال ڪريو، رسولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: حضرت مُوسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام ڪان الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري رهيو (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ڪان هر ڀيري نمازن ۾ ڪجھ تخفيف ٿي ويندي هئي پر ان جي باوجود حضرت مُوسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام مزيد ڪمي ڪرائڻ جي لاءِ مونکي ٻيهر الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ موڪليندا رهيا) ايستائين جو (جڏهن صرف پنج نمازون رهجي ويون) الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اي محمد صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڏينهن ۽ رات ۾ هي پنج نمازون آهن ۽ ان ۾ هر نماز جو 10 ڀيرا ثواب ملندو، تنهنڪري (ثواب جي اعتبار سان) هي 50 نمازون ٿي ويندیون. ۽ (مزيد فضل و ڪرم هي آهي تہ) جيڪو شخص نيڪ ڪم جي نيّت ڪري پوءِ اهو نيڪ ڪم نہ ڪري سگھي تہ ان جي لاءِ (صِرف چڱي نيّت جي وجھ سان) هڪ نيڪي لکي ويندي ۽ جيڪڏهن اهو ان نيڪي کي ڪري ڇڏي تہ ڏھ (10) نيڪيون لکيون وينديون ۽ جيڪو شخص بُري ڪم جو ارادو ڪري ۽ اهو بُرو ڪم نہ ڪري تہ اُن جي نامهءِ اعمال ۾ (بُري نيّت جي جرم ۾) ڪو گناھ نہ لکيو ويندو. ايستائين جو اهو بُرو ڪم ڪري ڇڏي تڏهن ان جو هڪ گناھ لکيو ويندو.

ان ڪان پوءِ رسولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو پوءِ آئون حضرت مُوسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ پهتس ۽ انهن کي ان احڪامن جي خبر ڏني



www.dawateislami.net

تہ انهن هن پيري بہ اهو چيو تہ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڏانهن وجي مزيد تخفيف جو سُوال ڪريو، رسولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون حضرت مُوسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کي چيو تہ (نمازن ۾ ڪمي ڪرائڻ جي ڪري) آئون ايترن دفعہ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ وڃي چڪو آهيان جو هاڻي (ان ڪم جي لاءِ وڃڻ ۾) مونکي حيا اچي ٿي.

(مسلم، ڪتاب الايمان ، باب الاسراء برسول الله ...الخ، ص٩٧،حديث٢٥٩)

قرآنِ پاڪ جي پندرهوين 15 سيپاري ۾ سورہٴ بني اِسْرَائيل جي پهرين آيت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب، دانائي غيوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن سَفَرِ معراج جي ابتدائي حصي جو تذڪرو ڪندي ارشاد فرمايو:

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا (پ 15:بني اسرائيل: 1)

ترجمو ڪنزالايمان: پاڪائي آهي ان کي جيڪو پنهنجي ٻانهي کي راتو رات وٺي ويو مسجد حرام کان مسجد اقصٰي تائين.

ياد رهي! اسان جي پياري آقا مکي مدني مصطفٰي، شبِ اسرٰي جي گهوٽ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سَفَرِمعراج مسجدِ حرام کان شروع ٿي مسجدِ اقصٰي تي ختم نہ ٿيو هيو بلڪ قُرآن و حديث مان ثابت آهي تہ نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحِيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن معراج شريف جي رات نہ صِرف ستن آسمانن جو سير فرمايو بلڪ ان کان بہ **وراءُ الوَرَاء** (تمام اڳتي) جتي الله عَزَّوَجَلَّ چاهيو تشريف کڻي ويا. جيئن تہ

اَعلٰي حضرت، اِمامِ اَهلسُنَّت، مجدّد دين و مِلّت، پروانہٴ شمع رِسالت، مولانا شاہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه شريف ۾



www.dawateislami.net

شرح همزيہ جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا: جڏهن حضرت مُوسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪلام جي سعادت عطا ٿي، اسان جي پياري نبي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙي طرح شبِ اسراء ملي ۽ زيادتِ قُرب (قُرْبِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ جي گهٽائي) ۽ چشمِ سر (متي جي اک) سان ديدارِ الٰهي ان کان علاوه. ۽ پلا ڪٿي جبلِ طُور جنهن تي حضرت مُوسٰي عَلَيْهِ السَّلَام سان مُناجات ٿي ۽ ڪٿي مَافَوْقُ العَرْش (عرش کان بہ متي) جتي اسان جي پياري نبي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪلام ٿيو.

ان ڪتاب جي حوالي سان مزيد فرمائن ٿا تہ نبي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي جسمِ پاڪ سان بيداري ۾ شبِ اسراء (معراج جي رات) آسمانن تائين تَرَقِّي فرمائي، پوءِ سِدْرة الْمُنْتَهيٰ، پوءِ مقامِ مُسْتَويٰ، پوءِ عرش ۽ رَفْرَف ۽ ديدارِ (الٰهي عَزَّوَجَلَّ) تائين. (فتاويٰ رضويه، ٣٠/٦٤٦)

البتہ آيتِ مُبارڪ ۾ جنهن حِصّہ معراج جو بيان ڪيو ويو صِرف اهو حِصّو بہ بذاتِ خود نهايت ئي حيرت انگيز مُعجِزو آهي ڇو جو مسجدِ حرام ۽ مسجدِ اقصٰي جي درميان چڱو خاصو فاصلو هو، ان لاءِ ڪنهن عام شخص جو مسجدِ اقصٰي تائين وڃڻ ۽ پوءِ راتون رات واپس بہ اچي وڃڻ تہ تمام وڏي ڳالهہ آهي هڪ رات ۾ صِرف هڪ طرفو فاصلو طيءِ ڪرڻ بہ ناممڪن آهي. جيئن تہ صاحبِ رُوحُ الْبَيان حضرت علّامه اِسْماعِيل حَقّي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا تہ اقصٰي تائين جو ذڪر ان وجہ سان ڪيو ويو آهي تہ هن زماني ۾ مسجدِ اقصٰي کان پري ڪا بي مسجد نہ هئي، مڪہءِ مُڪَرَّمَہ کان پري اها ئي مسجد هئي، مسجدِ حرام ۽ مسجدِ اقصٰي جي درميان هڪ مهيني کان بہ وڌيڪ سفر جيترو فاصلو آهي. (روح البيان،پ ١٥،بني اسرائيل،تحت الآية:١،٥/١١٤)



www.dawateislami.net

## جِبريلِ اَمِين عَلَيۡهِ السَّلَام جي ويجهو صدّيق

حضرت سَيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي محبُوب، صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن معراج جي رات جِبريلِ اَمِين عَلَيۡهِ السَّلَام کي ارشاد فرمايو: ''يَا جِبۡرِيۡلُ! اِنَّ قَوۡمِيۡ يَتَّهِمُوۡنِيۡ وَلَا يُصَدِّقُوۡنِيۡ'' ، يعني اي جِبريلِ! منهنجي قوم مون تي تُهمت لڳائيندي ۽ اها منهنجي تصديق نه ڪندي". حضرت سَيِّدُنا جِبريلِ اَمِين عَلَيۡهِ السَّلَام جن عرض ڪئي: ''اِنِ اتَّهَمَكَ قَوۡمُكَ فَاِنَّ اَبَا بَكۡرٍ يُصَدِّقُكَ وَهُوَ الصِّدِّيۡق'' ،يعني جيڪڏهن توهان جي قوم توهان تي تُهمت لڳائيندي ته چا ٿيو ابوبڪر (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) ته توهان جي تصديق ڪندا ڇو جو اهي صدّيق آهن.

(المعجم الاوسط للطبراني، الحديث: ۱۴۸، ۱۷۳، ج۵، ص ۲۲٦ ملخصاً)

آخرڪار ايئن ئي ٿيو جو جڏهن شَبِ معراج جي صبح حَطِيمِ ڪعبه جي ويجهو ويهي ڪري اسان جي آقا و مولي، شَبِ اسرٰي جي گهوٽ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ماڻهن جي سامهون ان سهڻي معراج جو ذڪر ڪيو ته اهلِ ايمان جو ايمان ته وڌيڪ مضبوط پر منافقن ۽ مشرڪن جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي ته هڪ رات ۾ ايترو وڏو سفر ڪيئن طي ڪري ورتو.

## اڪيون پوري تصديق ڪرڻ واري ذات

مشرڪ ڊوڙيندا حضرت سَيِّدُنا ابوبڪر صدّيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ پهتا ۽ چوڻ لڳا: ''هَلۡ لَكَ اِلٰى صَاحِبِكَ يَزۡعُمُ اَنَّهٗ اُسۡرٰى بِهِ اللَّيۡلَةَ اِلٰى بَيۡتِ الۡمَقۡدَس؟''يعني ڇا توهان ان ڳالھ تصديق ڪريو ٿا؟ جيڪا توهان جي دوست ڪئي آهي ته



www.dawateislami.net

انهن راتون رات مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصٰي جو سير ڪيو؟“ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: ”اَوَ قَالَ ذٰلِكَ؟ ڇا حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن واقعي ھي بيان فرمايو آھي؟ انھن چيو جي ھا. “پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: ”لَئِنْ قَالَ ذٰلِكَ لَقَدْ صَدَقَ يعني جيڪڏھن سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اھو ارشاد فرمايو آھي تہ يقينًا سچ فرمايو آھي. انھن چيو: ”اَوَتُصَدِّقُهُ اَنَّهُ ذَهَبَ اللَّيْلَةَ اِلٰى بَيْتِ الْمَقْدَسِ وَ جَاءَ قَبْلَ اَنْ يُصْبِحَ ؟ يعني ڇا توھان ان حيران ڪندڙ ڳالھ جي بہ تصديق ڪريو ٿا تہ اھي اڄ رات بَيْتُ المقدّس ويا ۽ صبح ٿيڻ کان پھرين واپس بہ اچي ويا؟ توھان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: ”نَعَمْ! اِنِّیْ لَاُصَدِّقُهُ فِيْمَا هُوَ اَبْعَدُ مِنْ ذٰلِكَ اُصَدِّقُهُ بِخَبَرِ السَّمَاءِ فِیْ غَدْوَةٍ اَوْ رَوْحَةٍ جي ھا! آئون تہ حُضُورِ اَڪرَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون آسماني خبرن جي بہ صبح و شام تصديق ڪندو آھيان. يقينًا اھي تہ ان کان وڌيڪ حيران ڪندڙ ۽ تَعَجُّب ڪرڻ وارين ڳالھيون ھونديون آھن.“ بس ان واقعي کان پوءِ اوھان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ صدّيق مشھور ٿي ويا.

(المستدرڪ علي الصحيحين، ڪتاب معرفة الصحابة، ذڪر الاختلاف...الخ، الحديث: ۴۵۱۵، ج۴، ص۲۵)

ڪجھ ڪينو رکندڙ ماڻھن سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ان عظيم مُعجزي کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي لاءِ طرح طرح جا سُوالات ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. جيئن تہ

حديثِ پاڪ ۾ آھي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قُرَيْشٌ تَسْاَلُنِی عَنْ مَسْرَایَ، قُريش مون کان منھنجي سَفَرِ معراج جي متعلق



www.dawateislami.net

سوال ڪري رهيا هئا. فَسَاَلَتْنِی عَنْ اَشْیَاءَ مِنْ بَیْتِ الْمَقْدَسِ لَمْ اُثْبِتْھَا، تہ انهن مون کان بَيتُ المقدّس جي اهڙين شين جي متعلق سوال ڪيا، جنهن کي (غير ضروري هئڻ جي وجہ سان) مون ياد نہ رکيو هو. فَكُرِبْتُ كُرْبَةً مَا كُرِبْتُ مِثْلَهُ قَطُّ، مون کي ان ڳالھ جو ايتري قدر ڏک ٿيو جو ان کان پهرين ايتري قدر غمگين نہ ٿيو هئس، فَرَ فَعَهُ اللهُ لِی اَنْظُرُ اِلَيْهِ مَا يَسْاَلُونِی عَنْ شَیْءٍ اِلَّا اَنْبَاْتُهُمْ بِهٖ، تہ الله عَزَّوَجَلَّ بيتُ المَقدَس کي منهنجي خاطر کڻي ورتو ۽ آئون ان کي ڏسڻ لڳس، قُريش مون کان جنهن جنهن شيءِ جي باري ۾ پڇندا ويا، آئون انهن کي ٻڌائيندو ويس.

(مسلم، كتاب الايمان، باب الاسراء برسول الله ...الخ، ص١٠٦،حديث٢٧٨)

مُفَسّرِ شَهير حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْحَنَّان مڪي جي مشرڪنَ جي انهن سوالن جي باري ۾ ارشاد فرمائن ٿا تہ اُهي سُوال بہ لَايَعْنِيَ (فُضُول) هئا. مثلاً هي تہ بَيتُ المقدس جا ٿنڀا ڪيترا آهن. سيڙهيون ڪيتريون آهن، منبر ڪنهن طرف آهي ۽ ظاهر آهي تہ هي شيون بار بار ڏسڻ سان بہ ياد نہ رهنديون آهن تہ هڪ ڀيري ڏسڻ سان ڪيئن ياد رهن ها. ڪافرن اهو چيو تہ عَرَش ۽ ڪُرسي جو ڳالهيون جيڪي توهان بيان ڪري رهيا آهيو، ان جي تہ اسان کي خبر ناهي، بيتُ المقدس اسان ڏٺو آهي، اتي جون نشانيون توهان اسان کي ٻڌايو، ان لاءِ ربّ عَزَّوَجَلَّ ان معراج جا ٻہ حصا ڪيا (هڪ مسجدِ حرام کان) بيتُ المقدس تائين، پوءِ (ٻيو) اتان کان عرش کان اڳيان تائين تہ جيئن



www.dawateislami.net

ماڻهو ان (پهرين) حصّۓ معراج جا گهڻيون دليلون معلوم ڪري وٺن. (ان لاءِ جڏهن بيتُ المقدس جي ڪيفيت پڇي وئي تہ) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪجھ فڪر ٿي ، ڇو جو جيڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيتُ المَقدَس ۾ داخل ٿيا هئا پر اوهان ان جي ڪيفيت جي متعلق گِهري نظر نہ فرمائي هئي، ان کان علاوه اها رات بہ اونداهہ واري رات هئي. الله تعاليٰ حضرت جِبْرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم فرمايو تہ انهن پنهنجن پَرَن تي بَيتُ المَقدَس کي کڻي ورتو ۽ مڪۓ مُڪَرَّمہ ۾ حضرت عَقِيل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گهر جي ويجهو رکي ڇڏيو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڏسندا ويا ۽ انهن جي سُوالن جا جواب ڏيندا ويا. (ياد رهي تہ) بَيتُ المَقدَس کي کڻي ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ عاليہ ۾ حاضر ڪرڻ هي سندن جو معجزو آهي، جهڙي طرح بِلَقِيس جو تخت (کڻي ڪري دربار ۾ حاضر ڪرڻ) حضرت سُلَيمان عَلَيْهِ السَّلَام جو مُعجِزو آهي.

(سيرة سيد الانبياء، ص١٣١)

بهرحال پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن بيتُ المَقدَس جي باري ۾ مڪي جي مشرڪن جي طرف کان پڇيا ويندڙ سڀ سُوالن جا جواب عطا فرمايا ۽ ڇو جو اهي تہ حُضُورِ اَڪرَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان عظيم مُعجزي تي ايمان آڻڻ جي بجائي ان کي عقل جي ڪسوٽي تي رکي رهيا هئا بلڪ پنهنجي بغض و ڪيني جي وجہ سان ان عظيمُ الشّان مُعجزي کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي لاءِ سنيريل هئا، بَيتُ المَقدَس جون نشانيون پڇڻ ۽ ان تي هارائڻ جي باوُجود بہ پنهنجي هٺ ڌرمي کان باز نہ آيا ۽ امتحان جي ارادي سان ان قافلي جي



www.dawateislami.net

باري ۾ سُوال ڪرڻ لڳا جيڪي مڪّہ مڪرّمہ کان تجارت جي ارادي سان شام جي طرف ويو هو.

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي ٻڌايو تہ اُهو قافلو مڪي شريف ۽ شام جي درميان فلان جڳهہ تي مليو هو، اُن ۾ ايتري تعداد ۾ پنڌ ماڻهو هئا ۽ ايترا اُٺ آهن. انهن وري اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سُوال ڪيو تہ اُهي شام کان واپسي تي ڪنهن ڏينهن مڪّہ مُڪرّمہ ۾ داخل ٿيندو؟ تہ پاڻ انهن کي جوابًا ارشاد فرمايو تہ اربع جي ڏينهن هن مهيني فلان تاريخ مڪّہ مُڪرّمہ ۾ داخل ٿيندو، انهن جي اڳيان اڳيان خاڪي رنگ جو اُٺ هوندو جنهن جي پلاڻ (ڪجائو) جي هينان ٿاٽ ڪارو هوندو ۽ ان تي بہ (2) پوريون لڏيل هونديون، حُضُورِ اَڪرَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جهڙي طرح فرمايو هو، اهڙي طرح ٿيو، اوهان جي معجزن جي ظُهُور تي مشرڪ شرمنده ٿي ويا پر ايمان نہ آندائون.

(سيرة سيد الانبياء، ص١٣١)

## شبِ معراج جا مشاهدات

شبِ معراج، حبيبِ ڪبريا، محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪروڙين عجائبات ملاحظ فرمايا، جنّت ۾ تشريف ڪٽي ويا، پنهنجي اُمّتين جا جنّتي محلات وغيره ملاحظ فرمايا، جهنم کي ڏٺو ۽ جهنّمين دردناڪ عذابن کي ڏٺو، پوءِ ان مان ڪجھ امّت جي ترغيب ۽ ترهيب جي لاءِ بيان فرمايو تہ جيئن اُمّتي جهنّمين جا دردناڪ عذابن کي ٻڌي ڪري مزيد عملن جي ذريعي جهنّم کان بچڻ جي تدبيرون ۽ جنت جون ناختم ٿيڻ وارين نعمتن جو ٻڌي ڪري اُمّتي ان نعمتن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، اچو تہ! ڪجھ واقعات ۽ مشاهدات مختصر طور تي ٻڌون: شبِ اسرٰي جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون شبِ معراج



www.dawateislami.net

جنّت جي دروازي تي لکيل ڏٺو: "صَدَقي جو ثواب 10 گُنا ۽ قرض جو 18 گُنا آهي"، موتين سان تيار ٿيل گنبد جيان خيما ملاحظ فرمايا جيڪي پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُمّت جي امام ۽ مؤذنن جي لاءِ آهن، ڪجھ بلند ۽ بالا محلاّت مُلاحظ فرمايا جيڪي غصي کي پيئڻ وارا ۽ عفو و درگذر (يعني معاف) ڪرڻ وارن جي لاءِ آهن، ريشم جي پردن سان سينگاريل هڪ محل ملاحظ فرمايو جيڪو اميرُ المؤمنين حضرتِ سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي لاءِ آهي، جنّت جي سير جي دوران حضرتِ سيدنا بلال حبشي رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي پيرن جي آواز سماعت فرمائي، شبِ معراج جنّتي حُورن بارگاهِ رسالت (صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ۾ سلام پيش ڪيو ، شبِ معراج هڪ اهڙي شخص وٽان گذر ٿيو جيڪو نور سان ڍڪيل هو، هي اُهو خوشنصيب هو جو دنيا ۾ جنهن جي زبان اللهٰ تعاليٰ جي ذڪر سان تر رهندي هئي، ان جي دل مسجد سان لڳل رهندي هئي، هي ڪڏهن پنهنجي والدين کي بُرو ڀلو چوڻ يا انهن جي بي عزتي ڪرڻ جو سبب نہ ٿيو.

شبِ معراج جيڪي سزا جا انتهائي دردناڪ عذاب ڏٺا انهن ۾ هي بہ ڏٺو تہ ڪجھ ماڻهون جون ڇاڙيون ڪوليون پئي ويون ۽انهن جو گوشت ڪٽي ڪري رت سان گڏ انهن جي منهن ۾ وڌو وڃي پيو، هي اُهي بدنصيب ماڻهو آهن جيڪي ماڻهن جون غيبتون ڪندا هئا، ماڻهن جا عيب تلاش ڪندا هئا، ڪجھ اهڙا مردن ۽ عورتون جي قريب کان اوهان جو گذر ٿيو جيڪي پنهنجون ڇاتين سان لٽڪايل هئا، هي اُهي بدنصيب هئا، جيڪي منهن تي عيب لڳائيندا هئا ۽ غيرموجدگي ۾ بُرائي ڪندا هئا، معراج جي رات، سرورِ ڪائنات صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙن ماڻهن کي بہ ڏٺو جن جا پيٽ گهرن وانگر وڏا هئا ۽ ان جي پيٽ جي اندر نانگ کان ٻاهر نظر اچي



www.dawateislami.net

رهيا هئا، هي بد نصيب سُود خور (يعني وياج کائڻ وارا هئا)، شبِ معراج سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙن ماڻهن جي ويجهو تشريف ڪٽي آيا جن جا مٿا پٿرن سان چٿجي رهيا هئا هي اُي بدنصيب هئا جنهن جا مٿا نماز سان ڳرا ٿي ويندا هئا، امّت جا خطيبن ۽ پنهنجي چئي تي عمل نہ ڪرڻ وارن ۽ قرآن پڙهي ان تي عمل نہ ڪرڻ وارن کي ڏٺو انهن جا چپ باھ جي ڪينچين سان لڳاتار ڪٽجي رهيا هئا، معراج جي رات، دوزخ ۾ ڪجھ ماڻهن کي باھ جي شاخن سان لٽڪيل ڏٺو، هي اُهي بدنصيب هئا، جيڪي دنيا ۾ والدين (يعني ماءُ پيءُ) کي گاريون ڏيندا هئا، بد ڪاري ڪرڻ واري ۽ پوءِ اولاد کي قتل ڪرڻ وارين عورتن کي ان حال ۾ ڏٺو جو انهن کي ڇاتين ۾ پيرن سان لٽڪايو ويو هو. يتيمن جو مال کائڻ وارن کي ان حال ۾ ڏٺو جو سندن چپن کان پڪڙي باھ جا وڏا وڏا پٿر انهن جي منهن ۾ وڌا پيا وڃن ۽ اهي پٿر انهن جي هيٺان نڪري رهيا هئا، زڪوات ادا نہ ڪرڻ وارن کي ان حال ۾ ڏٺو جو اهي چوپاين جيان جهنّم جا زهريلا ٻوٽا ۽ جهنّم جا گرم گرم پٿر ڳڙڪائي رهيا هئا.

## ڪري وٺ توبھ.....!

منا منا اسلامي ڀائرو! ٿورو انهن عذابن تي غور ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي هيٺائي ۽ ڪمزوري کي ڏسو، آه! اسان جي ڪمزوري جو تہ اهو حال آهي، جو هلڪو مٿي جو سور يا بخار تڙپائي ڇڏيندو آهي تہ پوءِ آخرت جا هي دردناڪ عذاب ڪيئن برداشت ڪري سگهجن ٿا، ان لاءِ اجا وقت آهي ڊِجي وڃون ۽ جيڪي فرض هئڻ جي باوجود زڪوات ادا نٿا ڪن يڪدم توبھ ڪريون ۽ جيترن سالن جي زڪوات باقي آهي، حساب



www.dawateislami.net

ڪري جلد از جلد ادا ڪري ونون ھت جيڪڏھن ھي موقعو ھٿ مان نڪري ويو ۽ توبھ ڪان پھرين موت اچي پھتو تہ پوءِ موقعو نہ ملندو.

ڪرلے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ڪتاب "فيضانِ معراج" جو تعارف

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان معجزي کي عام ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مجلس المدينة العلميه ھڪ ڪتاب بنام "فيضانِ معراج" ترتيب ڏنو. جنھن ۾ مڪمل واقعہ معراج، ان جي متعلق آياتِ مبارڪہ، احاديثِ طيّبہ ۽ ان مان حاصل ٿيڻ وارن مدني گُلن سان گڏ واقعہ معراج ۾ پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مشاھدات جو تذڪرو بہ ڪيو ويو آھي. ان ڪتاب جي مطالعي سان عشقِ رسول ۾ اضافي سان گڏوگڏ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ معلومات جو وڏو خزانو ھٿ ايندو. تمام اسلامي ڀائرن کي مدني التجا آھي تہ ان ڪتاب کي خريد فرمائي ڪري ضرور بالضرور ان جو مطالعو فرمايو.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## مجلسِ آئي ٽي جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! انساني زندگي ترقي جون منزلون طيءِ ڪندي اڄ جنھن دؤر مان گذري رھي آھي، ان ۾ ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جو



www.dawateislami.net

ڪردار وڏو اهم آهي. في زمانہ انفارميشن ٽيڪنالوجي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ زندگي جي هر شعبي تي اثر انداز آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اصلاحِ اُمّت جي لاءِ دنيا ڀر ۾ اسلام جون بهارون لٽائڻ جي لاءِ ڪيترين ئي مجلسون ۽ شعبہ قائم ڪيا، انهن ۾ هڪ شعبو ”مجلسِ آئي ٽي“ بہ آهي، جنهن جو ڪم انفارميشن ٽيڪنالوجي جي ذريعي دنيا ڀر جي ماڻهن کي اسلام جي مهڪندڙ مهڪندڙ مدني گُل پيش ڪرڻ آهي، مجلسِ آئي ٽي جي نمايان ڪمن ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شهره آفاق فتاويٰ رضويه شريف اور ترجمه قرآن ڪنز الايمان جو سافٽ ويئر جي شڪل ۾ پيش ڪرڻ بہ آهي جيڪو تعريف جي لائق آهي، مجلسِ توقيت جي تعاون سان هڪ اهڙو سافٽ ويئر بہ متعارف ڪرايو آهي جيڪو ڪمپيوٽر ۽ موبائل وغيره تي نمازن جو درست اوقات جي نشاندهي ۾ حد درجہ مفيد آهي. المدينہ لائبريري سوفٽ ويئر جي ذريعي بہ سو (200) کان وڌيڪ ڪتابن جو بآساني مطالعو ڪري سگهجي ٿو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلسِ آئي ٽي جا تيار ڪيل هي تمام سافٽ ويئرز مڪتبة المدينہ کان سي ڊيز جي صورت ۾ بہ حاصل ڪري سگهجن ٿا.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

## ٻارنهن مدني ڪمن ۾ حصو وٺو

مزيد علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ ۽ پُوري دنيا ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جا 12



www.dawateislami.net

مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺو. ان 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم " هفتہ وار اجتماع“ بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتہ وار سنّتن پريا اجتماعات تلاوتِ قرآن، نعتِ رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، سنتن پريا بيان، رقّت انگيز دعائون، ذڪر و درود، صلاة و سلام جي مدني گُلن ۽ علمِ دين جي گُلدستن سان سينگاريل هوندا آهن ۽ يقيناً ان طرح جي اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ اجر و ثواب ۽ برڪتن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. هفتہ وار سنّتن پريو اجتماع جو آغاز بعد نمازِ مغرب سورة ملڪ جي تلاوت سان ٿيندو آهي، تلاوتِ قرآنِ مجيد کان پوءِ نعت شريف پڙهي ويندي آهي، سنّتن پريپ بيان بہ ٿيندو آهي، هفتہ وار سنّتن پري اجتماع ۾ ”ذڪرُ الله“ بہ ڪرايو ويندو آهي.ذڪر کان پوءِ دُعا بہ ٿيندي آهي، جنهن جي برڪت سان نہ ڄاڻي ڪيترا ئي بدڪردار باڪردار بڻجي ويندا آهن.

**اچو تہ هڪ مدني بهار توهان کي ٻڌايان.**

## بي پرواهي جو شڪار هڪ نوجوان

هفتہ وار سنّتن پري اجتماع جي برڪت جو اندازو ان مدني بهار مان لڳايو، جيئن تہ ملتان روڊ (مرڪز الاولياء لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهہ هن طرح جي تحرير موڪلي تہ آئون لاپرواهہ ۽ شوخ طبيعت جو مالڪ هئس، مستي ۾ مست، دنيا جي محبت جي نشي ۾ ڌُت، گناهن ۽ غفلتن جي وادين ۾ گُم هئس، ٺڦن وڃائي ڪري ٻارن وارا گيت



www.dawateislami.net

ڳائڻ ۽ قوّالين جون نقلون لاهڻ جي معاملي ۾ پوري خاندان ۾ مشهور هئس. شادي ۽ ٻين تقريبن ۾ مزاحيہ لطيفا ۽ فلمي غزلون ٻڌائڻ، گانا ڳائڻ، بي ڍنگي انداز ۾ ناچ ڏيکارڻ ۽ طرح طرح جي نخرن سان ماڻهن کي کلائڻ منهنجو پسنديده مشغلو هو، اسڪول جو زمانو هو، هڪ باعمامہ اسلامي ڀاءُ اڪثر منهنجي وڏي ڀاءُ سان ملڻ ايندا هئا. هڪ ڏينهن ڀاءُ منهنجو تعارف ڪرايو تہ انهن مونکي تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي هفتہ وار سنّتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي. مون انهن جي دعوت تي خميس جي ڏينهن هفتہ وار سنّتن ڀري اجتماع ۾ وڃي پهتس، مونکي تمام سٺو لڳو، اهڙي طرح مون پابندي سان وڃڻ شروع ڪيو ۽ ٻين ڪلاس فيلوز کي بہ دعوت پيش ڪئي جنهن تي اهي اچڻ لڳا. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون نمازن جي پابندي شروع ڪري ڇڏي، آهستہ آهستہ عمامو شريف بہ سجائي ورتو، جنهن تي گهر جا ڪجهہ افراد سختي سان مخالفت ڪئي ايستائين جو اڪثر دفعا مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڇڪي ڪري لاٿو ويندو هو. درس ڏيڻ کان روڪيو ويندو هو، زلفون رکيون تہ گهر وارن زبردستي ڪترائي ڇڏيون، ڏاڙهي نڪتي نہ هئي پر سجائڻ جي نيّت ڪري ڇڏي هئي، ان تمام آزمائشن جي باوجود ماحول جي ڪشش ۽ عاشقانِ رسول جو چڱو سلوڪ مونکي دعوتِ اسلامي جي قريب کان قريب تر ڪندو ويو. مڪتبة المدينہ کان جاري ٿيندڙ سنّتن ڀري بيانات



www.dawateislami.net

جون ڪيسٽون ٻڌڻ سان تسلي ٿيندي ۽ حوصلو ملندو هو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آهستہ آهستہ گهر ۾ بہ مدني ماحول ٺهجي ويو. اهي گهر وارا جيڪي سنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني قافلي ۾ سفر جي اجازت نہ ڏيندا هئا انهن مونکي **يڪمشت ٻارنهن مهينا** سفر جي اجازت ڏئي ڇڏي. گهر ۾ اسلامي ڀينرن جو اجتماع شروع ٿي ويو. والد صاحب ڏاڙهي سجائي ورتي. هي بيان ڏيڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي هڪ ”مجلس“ جي ذمہ داري مليل آهي.

(غيبت جون تباه ڪاريون، بتغيرقليل)

گر چہ فنکار ہو، قافلے میں چلو
گو گلو کار ہو، قافلے میں چلو
خُلد در کار ہو، قافلے میں چلو
فضلِ غفّار ہو، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net